# وَسِيلي جون برڪتون

**(25-September-2025)**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

25 سيپٽمبر 2025ع (بمطابق: 1 ربيع الثاني 1447ھ) تي

پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# وَسِيلي جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... نامِ محمد جو وسيلو ڪم اچي ويو ......
- ... ڪاميابيءَ جا 3 اصول ......
- ... وسيلو وٺڻ نبين جو طريقو آهي ......
- ... غار مان نجات ڪيئن ملي (واقعو) ......

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرات ابو فضل قومساني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا عاشق رسول ۽ نيڪ شخص هئا. هڪ پيرو خراسان مان هڪ عاشق رسول انهن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اَلحمدُلِلّٰه! مان مسجد نبوي شريف ۾ سُتو پيو هئس تہ مون تي ڪرم ٿي ويو، عرش تي وڃڻ وارا، جنت جو سير فرمائڻ وارا، رب جا محبوب نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ چپ حرڪت ۾ آيا، رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن تون همدان (شهر) وڃين تہ ابو فضل قومساني کي منهنجا سلام چئجان. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! انهن تي هن ڪرم جو سبب ڇا آهي؟ فرمايائون: هو روزانو **100** دفعا مون تي درود شريف پڙهندو آهي. (1)

اس جوابِ سلام کے صدقے! تاقیامت ہوں بے شمار سلام
میری بگڑی بنانے والے پر بھیج اے کردگار سلام
اس پناہِ گنہگاراں پر یہ سلام اور کروڑ بار سلام (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... تاريخ الاسلام للذہبی، جلد:10، صفحہ:257، رقم:17516۔
2... ذوقِ نعت، صفحہ:170، 171 ملتقطًا۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞با اَدَب ويهندس۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

## نالي مبارڪ جي وسيلي سان فتح ملي وئي

هجرت کان پهريان واقعو آهي، هي اهو وقت هو جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرب جي مختلف قبيلن کي اسلام جي دعوت ڏئي رهيا هئا.

**معجم ڪبير جي روايت آهي:** انهن ئي ڏينهن ۾ **قبيلي بنو ذُهل** جا ماڻهو مڪي آيا. رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي يارِ غار، مسلمانن جي پهرين خليفي، عاشق اڪبر حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايو: ابوبڪر...!! انهن کي وڃي اسلام جي دعوت ڏي ...!! حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ تشريف کڻي ويا، سندن سردار سان مليا ۽ کيس اسلام جي دعوت ڏنائون.

هاڻي اهو جيڪو سردار هو، سو چوڻ لڳو: اڄڪلهہ اسان جي فلاڻي قبيلي سان جنگ هلي رهي آهي. هن کان فارغ ٿي وڃون تہ پوءِ توهان جي دعوت بابت سوچينداسين. حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کيس وڏيڪ سمجهايو ۽ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نيٺ آخر ۾ هن اهو ئي جواب ڏنو تہ جنگ ختم ٿي وڃي، پوءِ جڏهن ٻيهر مڪي ايندا سين تڏهن اسلام جي دعوت تي

1... بخاري، كِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

سنجيدگي سان غور ڪنداسين. حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ واپس تشريف ڪٽي آيا ۽ قبيلي وارا پنهنجي رستي سان هليا ويا. آخر اهو ڏينهن به اچي ويو جڏهن **بنوذُهل** يعني ان قبيلي وارن جي ٻئي قبيلي سان جنگ ٿيڻي هئي.

سپاهي ميدان ۾ نڪري آيا، جنگ بس شروع ٿيڻ ئي واري هئي ته قبيلي جي سردار پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کان پڇيو: هُو ابوبڪر، جنهن هستي جي باري ۾ اسان کي دعوت ڏيڻ آيو هو، ان جو نالو ڇا آهي؟ ڪيس ٻڌايو ويو ته: ان جو پاڪ نالو محمد (صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) آهي. سردار چوڻ لڳو: **بس! اڄ توهان جو وسيلو اهو ئي نالو آهي، جنگ جي دوران محمد نالو پڪاريندا رهو ...!!**

اللّٰہُ اَڪبر...!! اڃان اسلام قبول نه ڪيو آهي، صرف اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ملي هئي، سردار کي اندازو ٿي چڪو هو ته اِهو جيڪو نالو آهي، تمام گهڻي برڪت وارو آهي، هن پاڪ نالي کي پڪاريوسين ته يقيناً فتح اسان جي ٿيندي، جيئن ته هن سيني سپاهين کي وصيت ڪئي ته اڄ جنگ جي دوران مُحَمَّد نالو پڪاريندا رهو. سيني ائين ئي ڪيو، اَلحمدُلِلّٰه! نامِ مُحَمَّد جي برڪت سان کين جنگ ۾ فتح نصيب ٿي.

جڏهن اهاَ خبر رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پهتي ته فرمايائون: بِیْ نُصِرُوْا يعني منهنجي نالي جي وسيلي جي برڪت انهن کي ملي جو سندن غيب مان مدد ٿي ۽ اهي جنگ ۾ ڪامياب ٿيا. (1)

مُحَمَّد کا لطف و عطا اللّٰہ! اللّٰہ! | مری رُوح و دِل پر ہُوا اللّٰہ! اللّٰہ!
مُحَمَّد مُحَمَّد وظیفہ ہے میرا | مُحَمَّد کی ہر دَم نِدا اللّٰہ! اللّٰہ!

## نامِ مُحَمَّد جو وسيلو ڪم اچي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه! الله پاڪ مُحَمَّد نالي ۾ تمام گهڻيون برڪتون رکيون آهن. ۞ هن پاڪ نالي جو وسيلو پيش ڪرڻ سان، الله پاڪ دعائون

1... معجم ڪبير، جلد:3، صفحه:423-424، حديث:5387 مفصلاً.

قبول فرمائيندو آهي ۞ هن پاڪ نالي جو ورد ڪرڻ سان الله پاڪ بلائون ٽاري ڇڏيندو آهي ۞ هن پاڪ نالي جي وسيلي سان دعائون گهرڻ سان الله پاڪ شفا عطا فرمائيندو آهي ۞ هي پاڪ نالو چمي اکين تي لڳائڻ سان، رب ڪريم اکيون روشن فرمائيندو آهي ۞ اَلحمدُلِلّٰه! هن پاڪ نالي جي برڪت سان دليون روشن ٿينديون آهن ۞ هن پاڪ نالي جي برڪت سان زندگيون سنورجي وينديون آهن ۞ بگڙيل ڪم بڻجي ويندا آهن ۞ قبر روشن ٿيندي آهي ۞ ۽ الله پاڪ هن پاڪ نالي جي برڪت سان جنت عطا فرمائيندو آهي.

مداحِ حبيب مولانا جميل احمد رضوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بہ ڪيتري نہ پياري ڳالهہ ڪئي آهي، لکن ٿا:

آنکھوں کا تارا نامِ محمّد ... دِل کا اُجالا نامِ محمّد
دولت جو چاہو دونوں جہاں کی ... کر لو وظیفہ نامِ محمّد
اللّٰہ والا دَم میں بنا دے ... اللّٰہ والا نامِ محمّد
پائیں مرادیں دونوں جہاں میں ... جس نے پُکارا نامِ محمّد
دونوں جہاں میں دُنیا و دِیں میں ... ہے اک وسیلہ نامِ محمّد

## وَسِيلو ڪاميابي ڏياريندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان روايت ٻڌي، قبيلي وارن اجان ايمان قبول نہ ڪيو هو، ان ڪان پهريان ئي جڏهن هنن مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو پڪاريو تہ الله پاڪ ڪين ان جي وسيلي سان فتح عطا فرمائي. معلوم ٿيو تہ وسيلو ڪاميابي ڏياريندو آهي. جي ها! وسيلو يعني الله پاڪ جي حضور ۾ وسيلو پيش ڪرڻ، يعني هن طرح عرض ڪرڻ تہ: اي الله پاڪ! ۞ پنهنجي فلاڻي نيڪ ٻانهي جي برڪت سان ۞ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي برڪت سان ۞ اولياءِ ڪرام جي برڪت سان مون کي ڪاميابي نصيب فرماءِ، اهو وسيلو پيش ڪرڻ جي برڪت سان الله پاڪ ڪاميابيون نصيب فرمائيندو آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ جَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ۝۳۵ (پارو: 6، سورة المائدة: 35)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! اللّٰه کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو ۽ ان جي واٽ ۾ جهاد ڪريو ان اميد تي جو توهان ڪاميابي ماڻيو.

## ڪاميابي جا 3 اصول

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت ڪريمه ۾ **3** ڳالهين جو حڪم ڏنو ويو آهي:

**(1):** فرمايو ويو: اِتَّقُوااللّٰهَ يعني تقويٰ اختيار ڪريو...!! چاهي اسان ڪهڙو به ڪم ڪرڻ وڃي رهيا هجون، ان ۾ اسان کي ڪاميابي گهرجي ۽ مستقل ڪاميابي گهرجي، اهڙي ڪاميابي جيڪا صرف دنيا تائين ئي محدود نه هجي پر آخرت ۾ به ڪم اچي، اهڙي ڪاميابي جي لاءِ ان ڪم ۾ تقويٰ اختيار ڪئي وڃي. مثال طور: ❀اوهان ڪو ڪاروبار (***Business***) ڪرڻ وڃي رهيا آهيو ته ۞ ان ۾ وياج جي ڏيتي ليتي کان بچو ۞ ماڻهن کي دوکو ڏيڻ کان بچو ۞ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙي قسم کڻڻ کان بچو ۞ تور ۽ ماپ ۾ گهٽتائي کان بچو. ❀ ائين ئي تعليم (***Education***) جو معاملو آهي، توهان تعليم حاصل ڪري رهيا آهيو ۽ چاهيو ٿا ته تعليم ۾ ڪاميابي ملي، توهان جي تعليم توهان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جو ذريعو بڻجي ۞ ته ان ۾ گناهن کان بچو ۞ امتحانن ۾ ڪاپي ڪرڻ کان بچو ۞ اسلام مخالف (***Anti-Islam***) ڳالهيون پڙهڻ، ٻڌڻ يا ٻين تائين پهچائڻ کان بچو. ❀ ائين ئي شادي (***Marriage***) وغيره جو معاملو آهي، ان ۾ به گناهن کان بچو ۞ ڍُهل شرناين کان بچو ۞ راڳ رنگ جون محفلون نه سجايو. مطلب ته اسان ڪو به ڪم ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان کي اُنَ ڪم ۾ مستقل ڪاميابي ملي، اهڙي ڪاميابي جو دنيا سان گڏ آخرت ۾ به ڪم اچي ته، ان جي لاءِ سڀ کان پهريون اصول هي آهي ته ان ڪم ۾ جيترا به گناهن وارا معاملا آهن انهن کان پاڻ کي بچايون.

**(2):** فرمايو ويو:

وَ ابۡتَغُوۡۤا اِلَیۡہِ الۡوَسِیۡلَۃَ | ترجمو: الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وسيلو پيش ڪريو

**(3):** ٽئين نمبر تي فرمايو ويو:

وَ جَاہِدُوۡا فِیۡ سَبِیۡلِہٖ | ترجمو: يعني ۽ ڪوشش ڪريو الله جي راهه ۾

يعني جيڪو ڪم ڪرڻ وجي رهيا آهيو، ان ڪم سان لاڳاپيل تقويٰ اختيار ڪري ورتي، وسيلو پيش ڪري ورتو، هاڻي خوب جدوجهد ڪريو!

اهي 3 ڪم ڪندؤ تہ ڇا ملندو؟ فرمايو ويو:

لَعَلَّکُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۳۵﴾ | ترجمو: تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو.

۞ دنيا ۾ ۞ آخرت ۾ ۞ هن زندگي ۾ ۞ موت کان بعد واري زندگي ۾ ۞ زندگي جي هر هڪ ميدان ۾ ۞ قبر ۾ ۞ حشر ۾ ۞ ميزان تي ۞ پل صراط تي، هر جاءِ تي ڪاميابي حاصل ٿيندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت ڪريمہ مان معلوم ٿيو تہ ڪو بہ ڪم هجي، ڪا بہ جائز خواهش هجي، جائز تمنا هجي ۞ اسان ڪي سفر ڪرڻو آهي، تمنا آهي تہ صحيح سلامت گهر واپس موٽي اچون ۞ رات جو سمهڻ لڳا آهيون، دل ۾ تمنا آهي تہ صبح جو تندرست اٿڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۞ ڪو ڪم رڪجي ويو آهي ۞ ڪاروبار بند ٿي ويو آهي ۞ معاشي تنگدستي ٿي وئي آهي ۞ قرض چڙهي ويو آهي ۞ امتحان ۾ ڪاميابي گهرجي ۞ بيمار ٿي ويا آهيون، شفا گهرجي ۞ ڪنهن ڳالهه جو خطرو آهي، امن گهرجي. غرض، ڪو بہ ڪم ڪرڻو آهي، ان ۾ ڪاميابي جي طلب آهي. جيڪڏهن اسان ڪامياب ٿيڻ چاهيون ٿا تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ اسان وسيلو پيش ڪريون.

اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! زندگي جي هر ميدان ۾ ڪاميابي قدم چمندي.

# هڪ گهڙيءَ ۾ شفا ملي وئي

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جو واقعو آهي، پاڻ جڏهن ٻيو ڀيرو حج تي وڃي رهيا هئا، سامونڊي سفر هو. رستي ۾ هڪ ڪامران نالي جڳهه آئي، اتي لڳ ڀڳ **10** ڏينهن جو قيام ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ تُرڪي جي عاشقانِ رسول جي حڪومت هئي، اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه فرمائن ٿا: ڪامران ۾ حاجين جي لاءِ تمام بهترين انتظامات ڪيا ويا هئا. ڊاڪٽر موجود هئا، هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون ويون هيون.

سُبْحٰنَ الله! اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جو نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو جذبو ڏسو!

**10** ڏينهن اتي قيام رهيو، اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه روزانو حاجين کي گڏ ڪندا هئا ۽ کين حج جي تربيت ڏيندا هئا، گڏوگڏ عشقِ رسول تي مشتمل پرسوز بيان به فرمائيندا هئا.

الله پاڪ اسان کي به توفيق عطا فرمائي، گهر ۾ هجون يا سفر ۾، بس ۾ هجون يا جهاز ۾، ڪاش! هر هنڌ نيڪي جي دعوت جون ڌومُون مچائيندا رهون.

خير! ڪامران ۾ اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جي قافلي جي قيام جو نائون ڏينهن هو، مشڪل اها پيش آئي جو اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه ۽ سندن ساٿين جي طبيعت خراب ٿي پئي. کين وڏي پريشاني ٿي ته سياٽي سفر تي نڪرڻو آهي، حج جا ڏينهن به ويجهو اچي ويا آهن. جيڪڏهن ڊاڪٽرن کي خبر پئجي وئي ته هِي بيمار آهي ته اهي سفر ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندا ۽ حج جو وقت نڪري ويندو. جيڪڏهن ڊاڪٽرن کي نه ٻڌائيندس ته طبيعت ڪيئن سڌرندي، سيئي پريشان هئا. اهڙي پريشاني جي عالَم ۾ پلا هڪ سچي عاشق رسول جي نگاهه ڪهڙي طرف اٿي سگهي ٿي...؟

اَللّٰهُ اَكبر! اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه پنهنجي ساٿين کي فرمايو : توهان سڀ هتي ئي ترسو مان اجهو اچان ٿو...!! اهو چئي پاڻ ٻاهر جهنگ جي طرف اڪيلائي

۾ تشريف کڻي ويا، احاديثِ ڪريمه ۾ پريشاني جي وقت پڙهڻ واريون جيڪي دعائون آيون آهن، اهي پڙهيائون، اللہ پاڪ جي بارگاهه ۾ التجاء ڪيائون، ان سان گڏوگڏ غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کان مدد طلب ڪيائون، انهن جو وسيلو پيش ڪيائون، فرمائن ٿا: بس **10** منٽن جي ڳالهه هئي، مان واپس ساٿين وٽ پهتس، اَلحمدُلِلّٰه! **سڀئي اهڙا تہ تندرست ٿي چڪا هئا، ڄڻ ڪين ڪجهه ٿيو ئي نہ هو. نہ صرف سندن بيماري دور ٿي وئي، پر بيماريءَ جي سبب جيڪا ڪمزوري ٿي هئي، اها بہ دور ٿي وئي.** (1)

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن وسيلي جون برڪتون...!! خواهه ڪهڙي بہ پريشاني هجي، مشڪل هجي، معاملا بگڙي وڃن، اللہ پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿي وڃو، دعا لاءِ هٿ کڻو ۽ اللہ پاڪ جي نبين ۽ ولين جو وسيلو پيش ڪريو، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! بگڙيل معاملا درست ٿي ويندا.

| | |
|---|---|
| خدا کے فضل سے ہم پر ہے سایہ غوثِ اعظم کا | ہمیں دونوں جہاں میں ہے سہارا غوثِ اعظم کا |
| بلیات و غم و اَفکار کیوں کر گھیر سکتے ہیں | سروں پر نام لیووں کے ہے پنجہ غوثِ اعظم کا |
| جہازِ تاجراں گرداب سے فوراً نکل آیا | وظیفہ جب انہوں نے پڑھ لیا یا غوثِ اعظم کا(2) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!   صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## وسيلو وٺڻ نبين جو طريقو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اللہ پاڪ جي حضور ۾ وسيلو پيش ڪرڻ نبين جو طريقو آهي. اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَبۡتَغُوۡنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الۡوَسِيۡلَةَ اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ<br>(پارو: 15، سورة بني اسرائيل: 57) | ترجمو ڪنز العرفان: اهي پاڻ ئي پنهنجي رب جي طرف وسيلو ڳوليندا آهن تہ انهن ۾ ڪير گهڻو مقرب آهي. |

1... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، حصّہ دوم، صفحہ:186-187ملخصاً۔
2... قبالۂ بخشش، صفحہ:93ملتقطاً۔

يعني الله پاڪ جا فرشتا، اهڙي طرح حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي پاڻ اعليٰ رتبي وارا نبي آهن، اهي به الله پاڪ جي حضور ۾ وسيلو ڳوليندا آهن ته ڪير الله پاڪ جو وڌيڪ قرب رکڻ وارو آهي ته جيئن ان جو وسيلو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو وڃي.[1]

## حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام وسيلو پيش ڪيو

قرآن ڪريم ۾ حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام جو واقعو موجود آهي. ٽئين سيپاري، سورت آل عمران جي آيت نمبر **37** ۾ الله پاڪ هن واقعي ڪي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن، انهن ڪي اولاد ڪو نه هو، سندن زوجه محترمه به پوڙهيون ٿي چڪيون هيون، پاڻ پنهنجي گهر واريءَ جي ڀاڻيجي حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا جي پرورش پنهنجي ذمي تي ڪنئي ۽ کين بيت المقدس ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو. ان وقت حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا ڪير پيئڻ واري عمر ۾ هيون. هڪ ڏينهن جڏهن پاڻ حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا جي ڪمري ۾ تشريف فرما ٿيا ته ڏٺائون ته اتي اَڻ مُندائتا ميوا رکيل آهن، اهڙا ميوا جيڪي انهن ڏينهن ۾ بازار ۾ ڪٿي به ميسر نه هئا. پاڻ فرمايائون:

| | |
|---|---|
| قَالَ یٰمَرْیَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ | ترجموڪنز العرفان: اي مريم! هي تو وٽ ڪٿان ايندا آهن؟ |

حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا جيڪي ان وقت ڪير پيئڻ واري عمر ۾ هيون، چوڻ لڳيون:

| | |
|---|---|
| هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ | ترجموڪنز العرفان: هنن جواب ڏنو: اِهو الله جي طرف کان آهي. |

حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته سمجهي ويا ته حضرت مريم الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اعليٰ مقام رکن ٿيون.

جيتوڻيڪ حضرت مريم نبيه نه هيون، وليه هيون، حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام

1... تفسير قرطبی، پاره:15، سورۂ بنی اسرائیل، زیرِ آیت:57، جز:10، جلد:5، صفحہ:173 ماخوذاً۔

الله پاڪ جا نبي آهن، انهن جو مقام، مرتبو، شان ۽ عظمت حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْها کان گهڻو اعليٰ ۽ افضل آهي، ان جي باوجود به پاڻ زبان سان نه، پر عملي طور تي اُنَ جاءِ جو وسيلو الله پاڪ جي حضور ۾ پيش ڪيو ۽ انهيءَ ئي ڪمري ۾، جتي الله پاڪ جي رحمت سان اَڻ مُندائتا ميوا آيا هئا، بيهي دعا گهريائون ته: **اي الله پاڪ! مون کي پٽ عطا فرماءِ.**

سُبْحٰنَ الله! تڏهن ئي سندن دعا قبول ٿي ۽ الله پاڪ کين حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جهڙو عظيم الشان پٽ عطا فرمايو. (1)

## دنيا جي سڀ کان پهرين ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي وئي

اوهان کي هڪ ايمان افروز ڳالهه ٻڌايان ته انسان جڏهن هِن دنيا ۾ آيو، جڏهن هن زمين تي پنهنجا قدم رکيا ته کيس جيڪا سڀ کان پهرين ڪاميابي ملي هئي، اها به مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان ئي ملي هئي. جي ها! **حديث پاڪ ۾ آهي** ۽ ا ها حديث پاڪ امام بيهقي ۽ ٻين ڪيترن ئي محدثين ذڪر ڪئي آهي، حديث پاڪ جو خلاصو هي آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان جنت ۾ جيڪا لغزش (ڀُل) ٿي وئي هئي، (اهو گناهه نه هو، غلطي نه هئي، بلڪ هڪ لغزش هئي، پر

جن کے رُتبے ہیں سِوا، ان کی سِوا مشکل ہے

يعني جيڪي وڏي رتبي وارا هوندا آهن، اهي پنهنجي معمولي لغزش کي به گهٽ نه سمجهندا آهن، خير! الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي زمين ۾ پنهنجو خليفو بڻايو هو، تنهنڪري کين زمين تي لاٿو ويو)، هاڻي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي ان لغزش جي ڪري الله پاڪ کان تمام گهڻو حياءُ ٿيندو هو (ڪجهه روايتن ۾ آهي ته پاڻ ان جي ڪري 300 سالن تائين روئندا رهيا. (2))، آخرڪار پاڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ هينئن عرض ڪيائون: **اي الله پاڪ! مون کي محمد** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي صدقي ۾ معاف فرماءِ.**

---

1... صراط الجنان، پاره:3، سورة آلِ عمران، زير آيت:37-38، جلد:1، صفحه:468-470 ملتقطاً۔
2... تفسير درمنثور، البقرة، زير آيت:36، جلد:1، صفحه:142۔

بس پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪرڻ جي دير هئي، اللّٰه پاڪ سندن لغزش کي معاف به فرمايو ۽ ان سان گڏوگڏ هي به فرمايو: اي آدم! لَوْلَا مُحَمَّدٌ لَمَا خَلَقْتُكَ يعني جيڪڏهن (منهنجو محبوب) محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه هجي ها ته مان توکي به پيدا نه ڪريان ها. (1)

| | |
|---|---|
| نوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ | سب کا ہے آقا نامِ محمّد |
| دونوں جہاں میں دنیا ودیں میں | ہے اک وسیلہ نامِ محمّد |
| شیدا نہ کیوں ہو اس پر مسلماں | رب کو ہے پیارا نام محمّد (2) |

سُبْحٰنَ الله! ان مان هڪ ته اهو معلوم ٿيو ته انسان کي دنيا ۾ سڀ کان پهرين ڪاميابي وسيلي جي برڪت سان ئي ملي آهي، ٻيو هي به معلوم ٿيو ته اللّٰه پاڪ جي مقبول ٻانهن جي وسيلي سان، فلاڻي جي واسطي سان، چئي دعا ڪرڻ ابو البشر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت آهي. (3)

| | |
|---|---|
| واسطہ دیا جو آپ کا | میرے سارے کام ہوگئے |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وسيلو پيش فرمايو

پيارا اسلامي ڀائرو! مخلوق ۾ سڀني کان افضل، سڀني کان اعليٰ، اللّٰه پاڪ جو سڀ کان وڌيڪ قرب رکڻ وارا اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. پاڻ اهڙي ته شان وارا آهن جو هيءَ زمين، آسمان، جِنَ، انسان، فرشتا، مطلب ته جيڪو ڪجهه آهي، سڀ ڪجهه انهن جي صدقي سان نهيو آهي، تمام اڳيان پويان اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ سندن ئي وسيلو پيش ڪندا آهن، ايترو اعليٰ شان هجڻ جي باوجود رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به اللّٰه پاڪ جي حضور ۾ وسيلو پيش فرمائيندا هئا.

---

1... دلائل النبوة للبيهقى، باب ماجاء تحدث ...الخ، جلد:5، صفحه:489۔
2... قبالۂ بخشش، صفحه:134 ۔
3... تفسير صراط الجنان، پاره:1، البقرة، زير آيت:37، جلد:1، صفحه:108۔

روايت ٻڌو! مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي پياري امي جان حضرت فاطمہ بنت اسد رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جي وفات ٿي تہ رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبرڪ طور پنهنجي قميص مبارڪ کين اوڍائي ڇڏي، پوءِ سندن قبر ۾ پاڻ ليٽيا ۽ اللّٰه پاڪ جي بارگاھ ۾ دعا ڪيائون اَللّٰهُ الَّذِيْ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ اللّٰه پاڪ جيڪو زنده آهي، جنهن کي ڪڏهن بہ موت نہ ايندو، جيڪو حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ آهي، اِغْفِرْ لِاُمِّيْ فَاطِمَةَ اي رب ڪريم منهنجي ماءُ حضرت فاطمہ جي بخشش فرماءِ، وَلَقِّنْهَا حُجَّتَهَا اي اللّٰه پاڪ! کين نڪيرين جي سوالن جا جواب تلقين فرماءِ، وَوَسِّعْ عَلَيْهَا مُدْخَلَهَا ۽ انهن تي سندن قبر کي وسيع فرماءِ. بِحَقِّ نَبِيِّكَ وَالْاَنْبِيَاءِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِيْ فَاِنَّكَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ اي اللّٰه پاڪ! پنهنجي نبي (حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ مون کان اڳ ۾ سيني نبين جي وسيلي سان منهنجي دعا قبول فرماءِ، بيشڪ تون سيني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! هن ڪائنات ۾ محبوب ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ اللّٰه پاڪ جي معرفت ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿي، پاڻ اهڙي شان وارا آهن جو صرف نگاهون آسمان ڏانهن کڻن تہ اللّٰه پاڪ قبلو تبديل فرمائي ڇڏيندو آهي، دل پاڪ ۾ تمنا جاڳي تہ اللّٰه پاڪ انهن جي تمنا کي جلد پورو فرمائيندو آهي، اهڙا شان وارا هجڻ جي باوجود بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه پاڪ جي حضور ۾ وسيلو پيش فرمائي رهيا آهن. اِهو ان ڳالھ جو دليل آهي تہ وسيلو اللّٰه پاڪ کي تمام گهڻو پسند آهي، ان جي برڪت سان اللّٰه پاڪ نظرِ رحمت فرمائيندو آهي.

## وسيلو پيش ڪرڻ جي تعليم

پيارا اسلامي ڀائرو! صرف اهو نہ تہ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ اللّٰه پاڪ جي حضور ۾ وسيلو پيش فرمايو آهي، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... معجم ڪبير، جلد:10، صفحہ:337، حديث:20324۔

امت کي وسيلو پيش ڪرڻ جي تعليم به ڏني آهي. **ابن ماجہ شريف** ۾ حديث پاڪ آهي ۽ هن حديث کي امام ترمذي به روايت ڪيو آهي، صحابيءِ رسول حضرت عثمان بن حُنيف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ دفعو هڪ نابينا صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي بارگاه ۾ دعا فرمايو ته منهنجون اکيون (*Eyes*) نيڪ ٿي وڃن.

(سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جو عقيدو هو ته يقيناً دعا الله پاڪ ئي ٻڌندو آهي، سيني جي ٻڌندو آهي، پر جهڙي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻڌندو آهي، تهڙي ڪنهن جي به نه ٻڌندو آهي ...!!)

اس کی بخشش، ان کا وسیلہ | دیتا وہ ہے، دِلاتے یہ ہیں

خير! صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ دعا جي درخواست ڪئي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي لاءِ دعا نه فرمائي، بلڪ اسان غلامن تي ڪرم فرمائيندي دعا سيکاري ڇڏي ته جيئن قيامت تائين سندن غلام ان دعا مان برڪتون حاصل ڪندا رهن. تنهنڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: چڱيءَ طرح وضو ڪريو! پوءِ **2** رڪعتون نماز پڙهو! ان ڪان بعد هن طرح دعا گهرو!

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ، وَاَتَوَجَّهُ اِلَیۡكَ بِمُحَمَّدٍ نَبِیِّ الرَّحۡمَةِ، یَا مُحَمَّدُ اِنِّیۡ قَدۡ تَوَجَّهۡتُ بِكَ اِلٰی رَبِّیۡ فِیۡ حَاجَتِیۡ هٰذِهٖ لِتُقۡضٰی، اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعۡهُ فِیَّ

اي الله پاڪ! مان توکان سوال ڪريان ٿو ۽ تنهنجي محبوب، نبيءِ رحمت حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان تنهنجي بارگاه ۾ متوجه ٿيان ٿو، اي محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان توهان جي وسيلي سان پنهنجي رب جي حضور ۾ متوجه ٿيو آهيان ته جيئن منهنجي هيءَ حاجت پوري ٿئي. اي الله پاڪ! منهنجي حق ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سفارش کي قبول فرماءِ. (1)

1... ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ والسنۃ فیہا، باب ما جاء فی الصلاۃ الحاجۃ، صفحہ:224، حدیث:1385۔

حضرت عثمان بن حُنيف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اهو صحابي اتان اٿيو، وضو ڪري، 2 رڪعتون نماز ادا ڪيائين، ان ڪان پوءِ پياري آقا، محبوب خدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيڪاريل دعا گهريائين، اسان اجان اتي ئي ويٺا هئاسين ته هو واپس اچي ويو، پر واهه واهه! سُبۡحٰنَ الله! جڏهن ويو هو ته نابينا (*Blind*) هو ۽ جڏهن واپس آيو ته كَاَنَّهٗ لَمۡ يَكُنۡ بِهٖ ضَرٌّ قَطُّ هاڻي ائين هو ڄڻ ڪيس ڪڏهن ڪا تڪليف ٿي ئي نه هئي. (1)

سُبۡحٰنَ الله! هيءَ آهي وسيلي جي برڪت...!! هيءَ مبارڪ نماز جيڪا رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي سيکاري، ان کي **نمازِ حاجت** چوندا آهن. هي تجربو ٿيل عمل آهي ته ۞ ڪهڙي به مشڪل هجي ۞ پريشاني هجي ۞ مصيبت هجي ۞ ڪا جائز خواهش ۞ تمنا ۞ آرزو پوري نه ٿي رهي هجي ۞ امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻي هجي ۞ قرض لاهڻو هجي ۞ شفا گهرجي ۞ نمازن ۾ دل لڳائڻي هجي ۞ گناهن کي ڇڏي نيڪ ٻانهو ٿيڻو هجي، مطلب ته ديني يا دنياوي ڪا به حاجت هجي، ته تازو وضو ڪري، 2 رڪعتون نماز ادا ڪريو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان، سندن سيڪاريل طريقي مطابق دعا گهرو، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هر حاجت پوري ٿي ويندي.

## پيٽ جو ڦوڙهو فوراً ٺيڪ ٿي ويو

امام ابن ابي الدنيا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص عبد الملڪ بن حيان وٽ آيو، عبد الملڪ سندس پيٽ چيڪ ڪيو، چيڪ ڪرڻ کان پوءِ چيائين: توکي اهڙي بيماري آهي، جنهن جو ڪو علاج (*Treatment*) نه آهي (يعني اجان تائين ان بيماري جو علاج دريافت نه ٿي سگهيو آهي). ان شخص پريشان ٿي پڇيو: ڪهڙي بيماري آهي؟ چيائين: توکي دُبَيۡلَهٗ آهي (يعني تنهنجي

1... معجم کبير، جلد:4، صفحه:415، حديث:8232۔

پيٽ ۾ ڳوڙهو آهي، شايد اڄڪلھ جي اصطلاح ۾ ان کي ڪينسر چئي سگھجي ٿو). هن شخص جڏهن اهڙي ڳالھ ٻڌي تہ تمام گھڻو پريشان ٿيو ۽ واپس هليو ويو، وجي الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين:

الله! الله! رَبِّیْ لَاۤ اُشْرِكُ بِهٖۤ اَحَدًا! يعني الله پاڪ جي پناهہ! الله پاڪ جي پناهہ! هُو منهنجو رب آهي، مون ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ٺهرايو. پوءِ هن اها ئي دعا گھري:

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اَتَوَجَّہُ اِلَیۡكَ بِنَبِیِّكَ مُحَمَّدٍ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَسَلَّمَ، نَبِیِّ الرَّحۡمَۃِ، یَا مُحَمَّدُ اِنِّیۡ اَتَوَجَّہُ بِكَ اِلٰی رَبِّكَ وَرَبِّیۡ اَنۡ یَّرۡحَمَنِیۡ مِمَّا بِیۡ

اي الله پاڪ! مان تنهنجي بارگاهہ ۾ تنهنجي نبي، رحمت واري نبي، حضرت محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان متوجهہ ٿيو آهيان، اي محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي وسيلي سان، توهان جي ۽ پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ متوجهہ ٿيو آهيان تہ جيئن هو منهنجي هن بيمار حالت تي نظرِ رحمت فرمائي.

امام ابن ابي الدنيا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: اهو شخص هيءَ دعا گھرڻ کان پوءِ ٻيهر آيو، عبد الملڪ بن حيان ٻيهر سندس پيٽ چيڪ ڪيو تہ حيرت مان چيائين: مَا بِكَ عِلَّةٌ، هاڻي توکي ڪو بہ مرض نہ آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نہ مجرب نسخو آهي. اسان بہ هي نسخو اختيار ڪري سگھون ٿا، ڪا بہ مشڪل هجي، ڪا بہ پريشاني هجي، ڪا بہ دشواري هجي، الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿي محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪريو! سندن سيڪاريل دعا گھرو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿيندي. هيءَ نمازِ حاجت پڙهڻ ۽ دعا گھرڻ ۾ بس هڪ ڳالھ جو خيال رکو! تہ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي يَا مُحَمَّد چئي پڪارڻ منع

1... موسوعہ ابن ابی الدنيا، كتاب مجابی الدعوة، جلد:2، صفحہ:379، رقم:127۔

آهي. اهڙيون دعائون جيڪي حديثن ۾ آيون آهن ۾ انهن ۾ يَامُحَمَّد جو لفظ بہ آيو آهي، علماءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ اهڙن موقعن تي ادب اهو آهي تہ اسان يَامُحَمَّد جي بدران يَا رَسُوْلَ الله چئون. (1) ظاهر آهي اسان ننڍا آهيون، اسان تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نالو ڪٺي پڪاري نہ ٿا سگهون! اسان کي تہ ادب ئي ڪرڻ گهرجي ۽ ادب ان ۾ ئي آهي تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نالو ڪٺي پڪارڻ جي بدران مختلف پيارن پيارن لقبن سان پڪاريو وڃي. اللّٰہ پاڪ اسان سيني کي علم، عمل ۽ ادب جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## نيڪ اعمال بہ وسيلو آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ڳالهہ جي وڌيڪ وضاحت ڪريان. تہ وسيلي جو مطلب آهي: كُلُّ مَا يُتَوَسَّلُ بِهٖ اِلَى الله يعني هر اها شيءِ يا ڪم جنهن جي ذريعي اللّٰہ پاڪ جو قرب حاصل ڪيو وڃي. (2)

يقيناً انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، اولياء ڪرام ۽ اللّٰہ پاڪ جا نيڪ ٻانها بہ اللّٰہ پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن، انهن جي محبت، انهن سان الفت اللّٰہ پاڪ جو قرب ڏياريندي آهي. البتہ! نيڪ اعمال جيڪي آهن، اهي بہ هڪ وسيلو آهن. جي ها! هر اها هستي، هر اهو ڪم، هر اهو عمل جيڪو اللّٰہ پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، ان کي وسيلو ٺهرائي سگهجي ٿو. مثال طور: ۞ نماز پڙهڻ سان اللّٰہ پاڪ جو قرب ملندو آهي، تنهنڪري اها بہ هڪ وسيلو آهي ۞ روزو رکڻ سان اللّٰہ پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو آهي، اهو بہ هڪ وسيلو آهي ۞ زڪوٰت ڏيڻ سان ۞ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان ۞ حج ڪرڻ سان ۞ عمرو ڪرڻ سان ۞ تلاوت ڪرڻ سان ۞ ذڪر ۽ درود جي ذريعي ۞مطلب تہ هر نيڪ ڪم جي ذريعي اللّٰہ پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو آهي، تنهنڪري **هر نيڪ ڪم هڪ وسيلو آهي**، اهڙي طرح ۞ اللّٰہ پاڪ جي

---

1... فتاوی رضویہ، جلد:30، صفحہ:157 خلاصۃً۔
2... تفسیر سمعانی، پارہ:15، الاسراء، زیرِ آیت:57، جلد:3، صفحہ:351۔

نيڪ ٻانهن جو ادب ڪرڻ سان ۞ انهن سان محبت رکڻ سان ۞ انهن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ سان ۞ انهن جي زيارت ڪرڻ سان ۞ انهن جو ذڪر ڪرڻ سان الله پاڪ جون رحمتون ملنديون آهن، دل روشن ٿيندي آهي، اندر جي ڪاراڻ ختم ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ جو قرب نصيب ٿيندو آهي، تنهنڪري، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، نبي، ولي سيئي وسيلو آهن.

## غار مان نجات ڪيئن ملي....؟

اوهان يقين ڪريو! وسيلو اهڙي ڪمال جي شيءِ آهي جو ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪم جيڪو اسان کي بظاهر تمام گهڻو مشڪل بلڪ ناممڪن نظر اچي رهيو هوندو آهي، وسيلي جي برڪت سان اهڙي مشڪل (*Hardship*)به ٽري ويندي آهي. **بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي**، منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳين امتن جي **3** شخصن جو واقعو ٻڌايو، واقعو ٿورو وڏو آهي، مان هتي مختصر عرض ڪري رهيو آهيان. **3** شخص هئا، اهي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، رستي ۾ تيز برسات (*Rain*)شروع ٿي وئي، اهي بارش کان بچڻ جي لاءِ ڪنهن جبل جي غار ۾ وڃي لڪيا، اهي غار جي اندر هئا، ٻاهر تيز طوفاني مينهن وَسِي رهيو هو، ان دوران اوچتو هڪ وڏو پٿر ٿَڙي ڪِريو ۽ غار جي منهن تي اچي ويو نتيجي ۾ غار بند ٿي ويو، اندر تمام گهڻي اوندهه هئي ...!! ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو ئي نه هو. وڏي مشڪل ٿي وئي، هاڻي هنن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چيو: اڄ تائين اوهان جيڪي به نيڪ عمل ڪيا آهن، اوهان جي نظر ۾ انهن مان جيڪو سڀ کان افضل عمل آهي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان جو وسيلو پيش ڪريو! لهٰذا:

۞ انهن مان هڪ والدين (*Parents*)جي خدمت واري نيڪي جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري: اي الله پاڪ! منهنجي والدين جي خدمت واري نيڪي جي صدقي ۾ هن پٿر کي ايترو هٽاءِ جو اسان کي آسمان نظر اچڻ لڳي، جيئن ئي هن نيڪ عمل جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري، تيئن ئي اهو پٿر ٿورو سُرڪِي ويو ۽ آسمان نظر اچڻ لڳو. ۞ هاڻي ٻئي صاحب پنهنجي خوفِ خدا

۽ حيا واري نيڪي جو وسيلو پيش ڪري چيو: اي الله پاڪ! منهنجي هن نيڪ عمل جي برڪت سان هن پٿر کي اجان وڌيڪ هٽاءِ. تنهنڪري پٿر اجان وڌيڪ سرڪي ويو. ۞ هاڻي ٽئين شخص پنهنجي امانتداري واري نيڪي جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري: اي الله پاڪ! منهنجي هن امانتداري (*Honesty*) جي وسيلي سان هن پٿر کي اجان وڌيڪ هٽاءِ. جيئن ئي هن دعا گهري تہ منهنجا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اهو پٿر جنهن غار جو منهن بند ڪري کين قيد ڪري ڇڏيو هو، سندن نيڪ عملن جي وسيلي جي برڪت سان هٽي ويو (۽ اهي سڀ پنهنجي پنهنجي رستي سان هليا ويا). (1)

سُبْحٰنَ الله! اها آهي وسيلي جي برڪت ...!! تنهنڪري جڏهن بہ ڪا مشڪل هجي، پريشاني هجي، مصيبت هجي، تنگدستي هجي، ڪو ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا، ڪنهن ميدان ۾ ڪاميابي چاهيو ٿا تہ نيڪ ڪم ڪريو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي پنهنجن نيڪ عملن ۽ انبياءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام بالخصوص نبي الانبياء، رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪري دعا گهرو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿيندي.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! صحيح اسلامي عقيدا سکڻ، عمل جو جذبو ماڻڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهڻيون ئي برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **”نيڪ اعمال“ رسالي جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺڻ پڻ آهي.**

1... بخاری، كتاب الادب، باب اجابة دعاء من ...الخ، صفحہ:1492-1493، حديث:5974 خلاصةً۔

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلۡتَنۡظُرۡ نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ لِغَدٍ ۚ (پارو: 28، سورة الحشر: 18)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ هر جان ڏسي تہ هن سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي.

۞ سرور عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجو محاسبو ڪري ۽ مرڻ ڪان پوءِ جي لاءِ عمل ڪري.[1] ۞ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ اسان پنهنجين عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجن عملن جو جائزو وٺندا رهون.

**موجوده دور ۾** امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو ڏنو آهي: **رسالو نيڪ اعمال** ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن جي لاءِ نيڪ اعمال رسالي ۾ 72 سوال جواب لکيل آهن ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن ۞ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو آهي ۽ خانا پرڻا آهن ۞ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي ۞ هن جي ذريعي نہ ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

**اوهان بہ هي رسالو خريد ڪريو!** روزانو پنهنجو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ اخلاق سڌري ويندا ۞ ڪردار سنورجي ويندو ۞ عادتون بهتر ٿينديون ۞ نيڪين تي استقامت نصيب ٿيندي ۞ گناهن کان نفرت ٿيندي ۞ دل روشن ٿيندي ۞ محبت الٰهي نصيب ٿيندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ روحانيت ملندي ۽ ۞ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندو. اچو تہ ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## روزانو جائزو وٺڻ جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مون کي نيڪ اعمال سان پيار آهي ۽ ان جي ذريعي روزانو پنهنجو جائزو وٺڻ منهنجو معمول آهي. هڪ

1... ترمذي، صفحہ:583، حديث:2459بتغير قليل۔

دفعو مان دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ صوبي بلوچستان (پاڪستان) جي سفر تي هئس. ان دوران مون گنهگار تي ڪرم ٿي ويو. ٿيو ائين جو رات جو جڏهن مان سُتس تہ منهنجي سُتَل قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا، مان اجان سندن جلون ۾ ئي گم هئس تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ جيڪي قافلي ۾ روزانو **نيڪ اعمال** رسالي جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺندا آهن، مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس.

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰی | کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلموءِ دعا (Kalma&Dua) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن **ڪلموءِ دعا** (*Kalma&Dua*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي تمام آسان انداز ۾ ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ ٻارن جي لاءِ **6** ڪلما آڊيو جي صورت ۾ حروف جي ادائيگي ۽ ترجمي سان ۞ روزانو پڙهيون وڃڻ واريون **16** مختلف دعائون، مثال طور: پاڻي پيئڻ جي دعا ۞ کاڌو کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي دعا ۞ کير پيئڻ جي دعا ۞ سمهڻ وقت جي دعا وغيره وغيره حروف جي ادائيگي ۽ ترجمي سان ۽ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب شامل آهن. پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

❀ هر چنچر تي امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ چنچر تي

ٻہ مدني چينل تي رات جو **9** لڳي **15** منٽن تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقان رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو ❀ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفۂ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **اولياء جو شان بزبانِ قرآن** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ❀ مڪتبۃ المدينہ غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مبارڪ سيرت بابت هڪ نهايت ئي ايمان افروز ڪتاب: **غوث پاڪ جا حالات**. شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. جنهن ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مبارڪ زندگي، انهن جي عبادتن، علم، تقويٰ ۽ تبليغ دين جي سنهري پهلوئن جو بيان ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب مڪتبۃ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **100 رپين** ۾ خريد فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي پڙهڻ جي دعوت ڏيو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين و فلاحي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه!

❀ ڪنزُالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ❀ تقريباً 20 هزار 235 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ

گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره عالم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ❁جامعات ۽ مدارس المدينه (بوائز ۽ گرلز) شاگردن جي تعداد تقريباً 5 لک 65 هزار 695 آهي- ❁وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هاڻي تائين تقريباً هزارين مدارس المدينه بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهندڙن جو انگ لکن ۾ آهي- ❁ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً 27 هزار شاگرد ۽ شاگردياڻيون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جڏهن 60 هزار کان وڌيڪ شاگرس مختلف ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن-❁هاڻي تائين تقريباً 21 دار الافتاء اهل سنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهوار اوسطاً 20 هزار آهي. ❁المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو وڃي تو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي هيٺ هاڻي تائين 2045 ڪتاب ۽ رسالا تيار ٿي چڪا آهن، هن شعبي ۾ ڪيئي مدني علماءِ ڪرام خدمتون سر انجام ڏين ٿا، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ❁سوشل ميڊيا جيئن يوٽيوب، فيس بڪ، انسٽاگرام ۽ ٻين پليٽفارمن تي تقريباً 100 اڪائونٽس آهن، جن تي تقريباً 60.43 ملين يعني 6 ڪروڙ 43 لک فالورز آهن. ❁۽ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي، ٻارن جو مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دين جي خدمت ڪئي ويندي آهي. ❁آئي ٽي شعبو پڻ سرگرم آهي، جتي هاڻي تائين 35 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 44 اسلامي ويب سائيٽون لانچ ڪيون ويون آهن، جن ذريعي اسلام جي تعليمات کي دنيا ڀر ۾ ڦهلايو پيو وڃي. ❁گذريل 12 مهينن ۾ تقريباً 9 لک 60 هزار اسلامي ڀائرن قافلي ۾ سفر ڪيو، ❁شعبہ ڪورسز جي تحت هاڻي تائين تقريباً 92 هزار 455 ڪورس ٿي چڪا آهن جڏهن تہ 19 لک کان وڌيڪ افراد انهن ڪورسن ۾ شرڪت ڪئي. ❁هفتہ وار اجتماع

۾ شرڪت ڪرڻ وارن جي تعداد 6 لک آهي، ❁ترانسليشن ڊيپارٽمنٽ ۾ هاڻي تائين 45 **زبانن** ۾ 8 **هزار ڪتابن** ۽ رسالن جو ترجمو ٿي چڪو آهي. ❁خدام المساجد والمدارس جي تحت تقريباً 7 **هزار** 243 مسجدون ٺهي چڪيون آهن. ❁ذڪياري اُمت جي خيرخواهي جي لاءِ 3 **هزار** 719 روحاني علاج جا بستہ قائم آهن جن تي ماهوار 8 **لک** 20 **هزار** مريض ايندا آهن، ❁سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هن وقت تائين❁ 88 **لک** 3 هزار افراد/ گهرن جي مدد ٿي چڪي آهي.❁ 6 **هزار** 7 **سو** 88 **گهرن** جي تعمير ٿي چڪي آهي.❁ 76 **هزار** ڪان وڌيڪ رت جون بوتلون عطيون ڪيون ويون آهن. ❁هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هاڻ تائين 74 **هزار** 7 **سو** ڪان وڌيڪ مريض وزٽ ڪري چڪا آهن. ڪان وڌيڪ ٻوٽا لڳايا ويا آهن.

انهن سيني ڪمن ۽ دعوتِ اسلاميءَ جي مختلف ديني ۽ فلاحي ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوت اسلامي جا اربين روپين جا خرچ آهن. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ، اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم 12 **آڪٽوبر** 2025 تي هڪ ٽيلي ٿون منعقد ٿي رهيو آهي، جنهن جو هڪ يونٽ 10 **هزار پاڪستاني روپين** جو آهي.

توهان پنهنجا عطيات دعوتِ اسلاميءَ کي ڏيو، **توهان جو چندو يعني ڊونيشن ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي، ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳايو ويندو، تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.**

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهه نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيْ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت

ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حُسنِ اخلاق سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** ايمان ۾ وڌيڪ ڪامل اهي آهن جن جا اخلاق سنا آهن. [2] **(2):** حسنِ اخلاق کان بهتر مسلمان کي بي ڪا به شيءِ نه ڏني وئي آهي. [3]

اي عاشقان رسول! حسنِ اخلاق سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۞ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر هڪ سان خوش اخلاقي ۽ ملنساري جو سلوڪ فرمائيندا هئا ۞ نه ڪڏهن جهڙڪيندا هئا ۽ نه ئي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا هئا ۞ صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عنهم کي ڏسي مسڪرائيندا هئا. انهن سان، انهن جي ٻارن سان خوش طبعي فرمائيندا هئا، ٻارن کي پنهنجي هنج مبارڪ ۾ ويهاريندا هئا ۞ مريضن جي عيادت فرمائيندا هئا ۞ مجلس ۾ ڪڏهن به پير ڊگهيري نه ويهندا هئا ۞ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا ۞ سيني کي سٺن نالن سان پڪاريندا هئا ۞ ٻئي جي ڳالهه نه ڪٽيندا هئا.

الله پاڪ اسان کي به اخلاقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

بنا دو صبر و رضا کا پیکر | بنوں خوش اخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت | نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل **بهارِشريعت** جلد: 3 مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

---

1... تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
2... ابو داود، كتاب السنه، بابِ دليل على زيادة الايمان، صفحه:737حديث: 4682۔
3... شعب الايمان، باب فی حسنِ خلق، جلد:6، صفحه:235، حديث:7992۔

جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151 ملخصًا

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (1)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (4)

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانى، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
4... القول البديع، الباب الاول، ص4125

## ﴾6﴿ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (1)

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (2)

## ﴾2﴿ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455